# طارق عالم ابڙي جي ڊرامن ۾ سنڌي سماج جي مسئلن جي عڪاسي

# The Reflection of Sindhi Social Problems in the Dramas of Tariq Alam Abro

فريده ڏاهري

**_Abstract:_**

*Drama is actually the mirror of society. we can observe the customs of nations in the world through their dramas. By the dramas of any country we know the culture, rituals, life style, dressing, language etcetera. Drama is called to be the imitation of nature and mirror of life because it reflects every scene of nature and every problems of life through its expression. Sindhi dramatists have also performed their role as saints for social welfare and mobilization. In sindhi literature the name of tariq alam abro keeps a vital position and it will remain alive in history forever. He was a well versed dramatist, novelist, story_ writer, poets and artist. In his dramas the real picture of society is depicted he has discussed almost every problem of sindhi society in his dramas, particularly the major issues i,e hunger and unemployment remained his choice themes. The element of truth and didacticism is very obvious in his dramas. He has brought novelty in the art of drama. He has avoided the imaginary and vulgar type of themes and has focused upon the standards of modern era.*

سنڌ جي هن سونهري ڌرتيءَ جي ڪُکِ مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن، محققن جنم ورتو آهي. انهن مان ڪجهه خاص اهڙا نالا آهن جن جو نالو سدائين سنڌ ۾ امر رهندو جيڪي مري مات نه ٿيا ۽ هميشه خاص رهيا. اهڙن قابل ماڻهن ۾ هڪ نالو ”طارق عالم ابڙي“ جو به آهي.

ادب جي کيتر ۾ تمام اهم نالو گهڻ رُخي شخصيت طارق عالم ابڙو هڪ ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار، سفرنامه نويس، شاعر ۽ مصور، جنهن به سندس ڪا تحرير پڙهي ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو.

طارق عالم ابڙي جو جنم 10 اپريل 1958ع ۾محمد عالم ابڙي جي گهر تعلقي قنبر، موجوده ضلعي قنبر شهداد ڪوٽ ۾ ٿيو. 1960ع ڌاري سندس گهراڻو ڄام شوري ۾ اچي آباد ٿيو. پاڻ ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. ايم. اي جي ڊگري سنڌ ادب ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان حاصل ڪئي، تعليم پوري ڪرڻ

بعد سنڌي ادبي بورڊ ڄام شوري ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ مختلف عهدن تي پنهنجون خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو. سندس اهم ۽ آخري ادبي ذميواري ته ماهي مهراڻ رسالي جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هئي. طارق عالم ڪافي عرصي کان گڙدن جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو ۽ آخرڪار ان بيماري ۾ هن ادب جي عالِم 11 جون 2011ع ۾ هن دنيا مان رحلت ڪئي.

طارق عالم ابڙي 1980ع ڌاري ادبي سفر شروعات ڪئي. سندس پهرين ڪهاڻي "پائلي" جي نالي سان ڇپي هئي. سندس ادبي پورهئي ۾ "رات سانت سوچون، 'ڪهاڻيون'1979"، "رهجي ويل منظر، (ناول) 1984ع"، "مورن اوچا ڳاٽ، (شاعري) 1992ع"،"سجاڳ جي ڳولا ۾ (ڪهاڻيون) 1998ع"، "لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ، (سفرنامو) 1998ع" وغيره شامل آهن. گڏوگڏ طارق عالم سنڌيءَ ۾ ريڊيو ۽ ٽي ويءَ لاءِ ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا.

طارق عالم جا پي ٽي وي تي پيش ٿيل ڊراما:

چنڊ رهين ٿو دور، (1979ع) پروڊيوسر هارون رند، (تنند مان، 1982ع هارون رند، رنگ رتا سپنا، (1982ع) هارون رند، چهرو چهرو آئينو 1982ع محمد بخش سميجو طوفان ڪانپوءِ (سيريل) (1984ع) محمد بخش سميجو اُڏام 1985ع محمد بخش سميجو جيئري پيڙا (1986ع) محمد بخش سميجو روشن چانورو (1987ع) محمد بخش سميجو پيوند، (1987ع) محمد بخش سميجو سچ لهڻ کان اڳ، (1989ع) منظور مگسي، پاڻ ئي پاڻ خيال، 2000ع سميع بلوچ.

طارق عالم جو آخري ڊرامو "خالي فريم"، سنڌ ٽي. وي تان 2005ع ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو. سندس لکيل ڊرامي "سچ لهڻ کان اڳ"، ۾ پاڻ اداڪاري به ڪئي هئائين.

طارق عالم جو هر ڊرامو سنڌ جي سماجي مسئلن جي عڪاسي ڪري ٿو. ائين چئجي ته سندس هر ڊرامو سنڌي سماج جو آئينو آهي. پاڻ سنڌ جي سماجي مسئلن تي دل جان سان لکيو اٿس. ڪيس سنڌي سماج جو مشاهدو گهرو هو. ڇاڪاڻ ته سندس ڊرامن جا موضوع سنڌ جي حقيقي مسئلن بابت آهن. جنهن ۾ خاص طور تي سنڌي سماج جو وچولو طبقو انهن جا معاشي، سماجي مسئلا شامل آهن.

سنڌي ڊرامن ۾ سنڌي سماج جي عڪاسيءَ بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”سنڌي ڊرامن ۾ سنڌ جي روزمرهہ جي زندگيءَ ۽ سماجي مسئلن جو ذڪر آهي. سنڌي ڊراما سنڌي جيون جو وستار آهن. سنڌي ڊراما سنڌي سماج جي حقيقي تصوير ۽ چٽو عڪس آهن. ڊرامانگارن, سماج سڌار بزرگن ۽ آدرشي انسانن وانگر سماجي مسئلن طرف نشاندهي ڪئي آهي. هنن جا موضوع سنڌ متعلق, سنڌ جي ماڻهن متعلق ۽ سنڌي سماج جي روزمره جي مسئلن متعلق آهن.“ (الانا:28:2012)

طارق عالم جا سماجي ڊراما بلڪل مٿين راءِ سان ٺهڪي اچن ٿا. طارق عالم سنڌي ڊرامن جي چند اهم ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڊرامن جي موضوعن جي چونڊ سنڌي سماج مان ٿيل آهي, جن ۾ طبقاتي نظام, بک ۽ بيروزگاري گهٽ قدر شامل آهي, سندس ڊرامن جي اڪثر ڪردارن جي جنگ پنهنجي پاڻ سان آهي, جن ۾ اندر جي پيڙاءَ جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. سندس ڊرامن ۾ پيش ٿيل ڪردار اسان مان ئي آهن, ڪيس ڪردارن جي ڪيفيت بيان ڪرڻ ۾ ڪمال جو فن هو جو پاڻ ڪردار جي سيني ۾ سانڍيل خيال بہ تمام آسانيءَ سان ظاهر ڪري تحرير هيٺ آندا آهن.

طارق عالم جي هر لکڻي خاص اهميت جي حامل آهي, پر ڪيس ڪاميابين جي سيڙهي تي چاڙهڻ وارو سندس تحرير ڪيل ناول ”رهجي ويل منظر“ آهي, جنهن ڪاميابيءَ جو سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا اڄ بہ انهيءَ ئي چاهہ سان پڙهيو وڃي ٿو. سندس تحريرن ۾ رومانس جو پهلو وڏيڪ رهيو آهي.

طارق عالم جي باري ۾ عبدالقادر جوڻيجو لکي ٿو تہ:

”طارق عالم ابڙي کي ڪُوڙ لکڻ جو شوق نہ آهي, انهيءَ ڪري هو رات جي اوندهہ ۾ تير هلائڻ جي بدران ڏينهن ڏٺي جو وِچ چونڪ تي بيهي پٿر هڻندو آهي“. ”پبلو نرودا“ ڪروڙ پتي ٿيڻ جي شوق ۾ بهہ جو دوڪان کوليو جڏهن بہ ُهہ وڪڻي نہ سگهيو تہ پنهنجي ڪتاب ”معمارس“ ۾ نہ رڳو پنهنجن اديبن ۽ شاعرن دوستن کي وِڪڻي ڪاڏائين پر پنهنجي سنگتياڻيءَ کي بہ وِڪڻي ڪائي ويو. ساڳي ريت سان ”طارق عالم ابڙي“ پنهنجي ٽيلي ناٽڪ ”طوفان ڪانپوءِ“ ۾ پنهنجي گهر جا ڀاتي وڪڻي ڪاڏا. ٽيلي ناٽڪ ”چانورو“ ۾ مون جهڙن کي وڪڻي ڪاڏائين ۽ ٽيلي ناٽڪ ”پيوند“ ۾ پنهنجو پاڻ وڪڻي ڪائي ويو“. (جوڻيجو: 10,2015)

طارق عالم ابڙي جي ڊرامن جا ڪردار گهڻي ڀاڱي شهري زندگي سان وابستہ پڙهيل لکيل اُهي حقيقي ڪردار آهن جيڪي سندس آس پاس, دوستن عزيزن ۾ موجود

هئا. جيڪي نہ ويڙهاڪ، نہ قاتل، نہ ظالم، ۽ نہ جنگجو بلڪ محبت ڪندڙ نهايت ئي نماڻا، سادا سودا، سچا، نرم دل، ۽ سنجيده قسم جا ڪردار آهن.

سندس ڪردارن جي مزاحمت جو انداز بہ انوکو آهي. جيڪي مزاحمت ڏاڍي نرمي ۽ محبت سان ڪن ٿا. هر مصنف جي تخليق ۾ ڪٿي نہ ڪٿي سندس ذات بہ سمايل هوندي آهي ۽ اڪثر ڊائلاگن ۾ هو پنهنجي جذبن فيلنگ ( Feeling ) بہ بيان ڪري ويندو آهي، انهن ڪردارن کي ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ شايد مزاحمت بہ نرم لهجي ۾ طارق عالم جي ذات ۾ شامل هئي.

طارق عالم پنهنجين تحريرن جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

”منهنجين ڪهاڻين، ٽي وي ناٽڪن ۽ ناول جا پنجانوي سيڪڙو ڪردار، سڌي ريت منهنجي ذات سان لاڳاپيل رهيا آهن، جيڪي اڄ بہ سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر پنهنجي پنهنجي حصي ۾ آيل غم يا خوشيون ڀوڳي رهيا آهن.“ ( طارق:2012:298)

طارق عالم جي ڊرامن جي اها بہ خصوصيت آهي، تہ سندس لکيل يا نشر ٿيل ڊرامن جي پلاٽن ۾ اجائي ڊيگهہ نہ آهي، ننڍا ننڍا سماجي حقيقت نما واقعا انتهائي سهڻي نموني ترتيب ڏنل اٿس، سندس ڊرامن ۾ خيالن بجاءِ حقيقت ۽ اصلاح جو پهلو وڌيڪ آهي.

مختيار احمد ملاح سندس باري ۾ لکي ٿو تہ:

”هن جا اڪثر ڊراما گهريلو قسم جا آهن. اهو ئي سبب آهي جو طارق عالم ابڙي کي ڊرائنگ روم ۽ ٽي وي ڊرامن جو پلوڙ ليکڪ چيو ويندو آهي.“ ( ملاح:2012:298)

سندس ڊرامن جي ٻولي ۽ اسلوب منفرد آهي، طارق عالم جي ڊرامن ۾ گفتگو جو انداز بيان بهترين آهي.

جيئن پاڻ لکي ٿو تہ:

”سِج جا پهريان ڪِرڻا، آسمان جي وسعتن ۾ اُڏامندڙ عقاب جي ڦهليل پَرن سان پيار ۾ آهن ٻکجي ويا......سندس ماڪَ ڀِنل لان جي ڪُنڊ ۾ لڳل، چَمپا جي وَڻ مان ڪيترا گُل، ڪنهن ڏهاڳڻ جي لُڙڪن سمان هڪ ٻي پٺيان ڇَڻندا رهيا آهن.“ ( طارق: 2015،481)

طارق عالم وٽ لفظن جي کوٽ نہ آهي سندس ڊرامن ۾ تحرير ڪيل ٻولي سنڌ جي وچولي واري لهجي ۾ لکيل آهي. انهيءَ جو مثال سندس لکيل ڊرامن ۾ موجود آهي. هيٺ سندس ڊرامن جو اقتباس ڏجي ٿو:

## 1. چنڊ رهين ٿو دُور:

هي ڊرامو 1979ع ۾، هارون رند جي پيشڪش هيٺ ’پي ٽي وي‘ تان ٽيليڪاسٽ ٿيو. سندس هن ڊرامي ۾ سنڌ جي مڊل ڪلاس ( middle class) جي سماجي ۽ معاشي حالتن ۽ واقعن جو عڪس پيش ڪيل آهي. طارق عالم هن ڊرامي ۾ مڊل ڪلاس ماڻهن جي زندگيءَ جي تصوير پيش ڪئي آهي. جنهن ۾ انهن جا ڏک سور، خوشيون، غم، روز مره جي مسئلن جي عڪاسي ڪيل آهي.

ڊرامي جو مرڪزي خيال هڪ اهڙي سماجي پهلوءَ بابت آهي، جنهن ۾ عام ماڻهون جي خواهش فقط ٽن وقتن جي ماني حاصل ڪرڻ آهي. هو پنهنجون خواهشون، دل جا ارمان ، دل ۾ دفن ڪري ذميداريءَ جا بار ڪلهي زنده رهن ٿا.

بلڪل اهڙو ئي ڪردار هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار سڪندر آهي، سڪندر جو وڏو ڀاءُ سليمان هڪ ڪلارڪ آهي، جنهن جي پگهار مان گهر جو خرچ به مشڪل سان هلي ٿو. ماڻس ڏاڍي ڪفايت سان گهر ٿي هلائي.

جيئن طارق عالم لکي ٿو ته:

”سليمان: ڏس سِڪو پاڻ امير ته ناهيون نه؟ ڇڪنڪ ته اميرن جا ٻار ڪندا آهن. جن وٽ ڪارون بنگلا ۽ نوڪر هوندا آهن. جيڪي پاڻ ايندڙ ڏهن سالن ۾ به حاصل ڪري نه سگهنداسين. سڪندر اسان جو سڀ کان وڏو مسئلو اجهو ۽ اٽو حاصل ڪرڻ آهي.“ (طارق:41:2015)

سڪندر پنهنجا سماجي ۽ معاشي حالات ڄاڻيندي به محبت جي اڻانگي رستي تي نڪري ٿو جتي فقط اميري ۽ غريبي جي ترازو ۾ پنهنجي پاڻ کي ترندو محسوس ڪري ٿو. غربت، احساس محرومي بنجي سندس وجود کي ڏنگينديون رهي ٿي. سندس خواهشون ڪيس ٽياس تي ٽنگيل نظر اچن ٿيون، انهي احساس سبب هي اندر ئي اندر ۾ خوف زده ٿي، روحي جي محبت جي سفر کي اڌ ۾ ئي ڇڏي ڏي ٿو.

طارق عالم، سڪندر جي ذهن ۾ ايندڙ خيالن کي پيش ڪندي لکي ٿو ته:

”مون ته هڪ خوبصورت وڻ به سبرائي رکيو آهي، تون ايندين ته مان اهو وڻو پائي توسان گهمنديس. سِڪو تون به جين پائي اڇجان الا ڏاڍو سهڻو لڳندين..... هنن ڪپڙن ۾ تون پنجين گريڊ جو ٻچڙيوال ڪلرڪ ٿو لڳين..... پٽ خبر به اٿئي ته گهر جو خرچ ڪهڙي نه ڏکيائي سان ٽا پورو ڪريون. ڪالهه تنهنجي سامهون ڀاءُ ويچارو الائي

ڪٽان اڌارا پنجاهہ روپيا وٺي آيو تڏهن پاڻ ڪالهہ کان آلو ٽڪر ڳڻتو آهي.“ (طارق:41:2015)

سڪندر جهڙا ڪردار اسان جي سنڌي سماج ۾ هر هنڌ عام جام نظر اچن ٿا, جيڪي پنهنجي معاشي ۽ سماجي حالتن کي ڄاڻيندي بہ پنهنجون خواهشون وڏيون رکن ٿا. اُهي حقيقت کان وڌيڪ خوابن جي دنيا ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن.

طارق عالم هن ڊرامي ۾ اهو واضح ڪيو آهي تہ خوابن جو راڄ فقط رات تي آهي, جيڪي ڏينهن جي روشني ٿيندي ئي پنهنجو وجود وڃائي ويهندا آهن, حقيقت جي دنيا ۾ رهڻ وارا ئي ڪامياب ۽ ڪامران آهن.

هن ڊرامي وسيلي طارق صاحب, سنڌي سماج جي وچولي طبقي کي پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل ماڻهو آهن, هي ڳوناڻا هاري نہ آهن نہ وري سندن غربت جو سبب ڪنهن وڏيري جي ماتحت رهي هارپو ڪرڻ آهي. هي شهري ۽ آزاد زندگي گذاريندڙ سنڌ واسي آهن.

طارق عالم جي ڊرامن ۾, پيار ۽ محبت جو عنصر وڌيڪ رهيو آهي, جيتوڻيڪ ان جي پويان بہ خاص مقصد ۽ خاص پيغام ضرور رکيل آهي. سندس اڪثر تحريرون, سماج جي اهڙن مسئلن کي وائکو ٿيون ڪن, جن جي ور چڙهيل ماڻهو انهن جا نتيجا تمام اگرا ڏسندا آهن.

## 2. ميلاپ:

عورت, سماج جو اهو حصو آهي جنهن کان سواءِ ڪو بہ سماج مڪمل نہ آهي, اسانجي سنڌي سماج ۾ عورت جو مقام ڪٿي لوڙهن اندر آهي, تہ ڪٿي حويلين اندر وڏن ڪوٽن ۾, تہ ڪٿي شهري محلاتن ۾ قيد سنڌي عورت, صدين کان رسمن رواجن جي پابندين جي قيد جي چڪي پيهندي رهي آهي.

طارق عالم جي ”ميلاپ“ ڊرامي ۾ بہ هڪ سنجيده سماجي پهلو پيش ڪيل آهي, ڊرامي جو موضوع سنڌ جي شهري سوسائٽي مان چونڊيل آهي, جنهن ۾ طبقاتي سوچ جي اهڙي تصوير پيش ڪيل آهي جو انسان جي سڃاڻپ, ٽئلينٽ سان نہ بلڪہ اپر, مڊل ۽ لوئر ڪلاس جي ترازو ۾ ڪئي وڃي ٿي. ڊرامي ۾ خالده سيٺ احمد جي اڪيلي ڌيءُ آهي, جنهن سان ساحر سچي محبت ڪري ٿو اميري ۽ غريبي جي وچ ۾ ساحر جي محبت جو امتحان ٿئي ٿو, ۽ آخرڪار محبت جي ڪاميابي ٿئي ٿي.

طارق عالم پنهنجي هن ڊرامي ۾ عورت جي مظلوميت جو ڪردار نرالي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. "ميلاپ" ڊرامي جو پلاٽ هڪ پڙهيل لکيل ماڊرن عورت جي ڪردار تي ٺهيل آهي.

ڊرامي ۾ سيٺ 'احمد' دولت جي نشي ۾ مغرور ٿي پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي اها اهميت نٿو ڏي جن جون هو حقدار آهن. 'ساحر' هڪ غريب ڇوڪرو آهي، جيڪو سيٺ جي ڌيءَ 'خالده' سان عشق ڪري ٿو.

طارق عالم ڊرامي بابت لکي ٿو ته:

"ساجده: آسائش آرام ... عورت بانبڙا پائيندڙ ٻار نه هوندي آهي احمد صاحب جنهن کي رنگا رنگي رانديڪا ڏئي ريجهائي ڇڏجي.... ڇا مليو آهي، مونکي هن خوبصورت گهر ۾ سواءِ تنهائين، نراسائين، ۽ انتظار جي؟ ڪڏهن انهن بيجان فائلن مان منهن ڪڍي ڏٺو اٿئو ته هن گهر ۾ منهنجو به ڪو وجود آهي. جنهن کي بينڪ بيلنس جي نه، قيمتي ڊريسز جي نه، توهان جي سچي م ُرڪ جي ضرورت آهي.... پيار جي ضرورت آهي.

ساجده: مون گهڻو سنو آهي، احمد... اڪيلائين، جو عذاب، مان وڏيڪ خاموشين جي صحرا ۾ ڀٽڪي نٿي سگهان.... مان اِهو ڪڏهن به برداشت ڪري نه سگهنديس احمد ته منهنجي ڌيءَ به مون جيان ڪنهن خوبصورت محل ۾، سوني چاندي جا ڳٽ ڳچيءَ ۾ ڦاسائي سڄي ڄمار اڪيلائين جي قيدي بڻجي وڃي ۽ خاموشين جي صحرا ۾ م ُرڪ جي بوند بوند لاءِ ڀٽڪندي رهي... ايڏي وڏي سزا نه ڏيو منهنجي ڌيءَ کي.... ايڏي وڏي سزا." (طارق: 63,2015)

سندس ڊرامن جا ڪردار حقيقي آهن، جن جي چونڊ سنڌي سماج مان ڪيل آهي. سندس هر ڊرامي جي موضوع ۾ سنڌي سماج جو ڪو نه ڪو اهم رُخ پيش ڪيل آهي.

بيروگاري سنڌ جو هڪ وڏو سماجي مسئلو بنجي چڪو آهي، هن مسئلي سبب ڪيترائي نوجوان خودڪشيون ڪن ٿا. ڪيترائي ذهني بيمارين ۾ مبتلا ٿيو وڃن ۽ ڪجه نشي جا آڌي ٿيو وڃن واندڪائيءَ ڪري ڪيترائي برين صحبتن ۾ اچيو وڃن ته ڪي وري چورين ۽ ڦرڻ جو ڌنڌو وجيو ڪن. انهيءَ کان علاوه ڪيترائي نوجوان سنگين ڏوهن جي ور چڙهيو ٿا وڃن.

طارق عالم جا اڪثر ڊراما سنڌي سماج جي اهڙن رُخن کي ظاهر ڪن ٿا، هن بيروزگاريءَ جي موضوع تي گهڻو لکيو آهي. پاڻ بيروزگاريءَ جي مسئلي تي قلم کان خوب ڪم ورتو اٿس، سندس ڊرامي "جيئري پيڙا" جو موضوع به بيروزگاري بابت آهي.

### 3. جيئري پيڙا:

طارق عالم جي هن ڊرامي جو موضوع بہ بيروزگاري بابت آهي. ڊرامي ۾ علي هڪ شاعر آهي ، ’علي‘ سماج سان منهن ڏيڻ بدران پنهنجي داخلي ڪيفيت ۾ وڙهي ٿو رهي. بيروگاري جي پيڙا سندس ٽئلينٽ مٿان حاوي ٿي ڪيس ذهني مونجهارن ۾ مبتلا ڪري ٿي ڇڏي جنهن مان هو نڪري نٿو سگهي. علي وٽ ٽئلينٽ جي ڪمي نہ آهي، بيروزگاري جو عذاب ڪيس پيڙا بنجي اندر ئي اندر کائيندو رهي ٿو عليءَ کي بيروزگار واندو ۽ ناڪاره سمجهي ڪيس پنهنجي محبوبا بہ ڇڏي ڪنهن ٻئي سان شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي وڃي ٿي.

طارق عالم هن ڊرامي ۾ لکي ٿو تہ:

”زينت: اڄ ڪانپوءِ اسان هڪ ٻئي جي لاءِ اجنبي آهيون جيڪڏهن اتفاق سان ملي بہ وڃون تہ ائين لنگهي وڃون جيئن مصروف شاهراهہ تي گاڏيون هڪ ٻي کي ڪراس ڪري ويندڀون آهن.... بنا هارن ڏيڻ جي.“ (طارق: 487,2015)

بک بيروزگاري ۽ مفلسيءَ جي پيڙا مان علي نڪري نٿو سگهي، جنهن سبب پاڻ وڏيڪ مايوسين جي انڌيري ۾ گم ٿي وڃي ٿو. جنهن تي ڊرامي جو اختتام ٿئي ٿو.

### 4. رنگ رتا سپنا:

ڊرامي ”رنگ رتا سپنا“ ۾ بہ طارق عالم انهيءَ ساڳئي بيروزگاريءَ جي مسئلي تي روشني وڌي آهي. هن ڊرامي جو موضوع بہ معاشي پسماندگي بابت آهي. ڊرامي جو پلاٽ، پيار ۽ محبت ڪان هٽائي تيزيءَ سان وڌندڙ بيروزگاري تي جوڙيو اٿس.

هڪ نوجوان منصور ذهين، ٽئلينٽڊ، پوزيشن هولڊر آهي پر وٽس ڪا بہ سفارش نہ آهي، انهي ڪري ڪيس نوڪري نٿي ملي. منصور تي پنهنجي پيءُ، پيڻ، ماءُ جي ذميداري آهي، آخرڪار منصور گهر جي پٽ تي پيل حالت کي ڏسي، پنهنجي پاڻ کي ناڪاره سمجهي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

طارق عالم منصور جي ڪردار جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

”هيءَ منهنجي آخري ڪوشش هوندي ۽ جيڪڏهن پوءِ بہ مونکي نوڪري نہ ملي تہ ..؟ تہ مان خودڪشي ڪري ڇڏيندس! مري ويندس. آخر ڪيستائين عذاب جي سِرڪڻ ڦاهي، منهنجي ڳلي ۾ سرڪندي رهندي؟ انتها هوندي آهي هر ڳالهہ جي. مان

انٽرويوز ڏئي ڏئي ٿڪجي پيو آهيان. هيءُ اُميد جو آخري بنهين پڇاڙڪو ڪِرڻو آهي. جيڪو شايد منهنجي گهر کي اونداهو بنجڻ کان بچائي ڇڏي، باقي هاڻ مان وڌيڪ ڪجھ بہ ڏسي نہ سگهندس. مان اهو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندس تہ منهنجي هوندي منهنجي ماءُ منهنجي جيجل ڪنهن ٻئي جي ڪيسي ڏانهن واجهائي.“ (طارق: 88,89,2015)

آخرڪار منصور کي پنهنجي انهيءَ سوچ تي پشيماني ٿئي ٿي جڏهن پنهنجي گهر جي ڀاتين جا چهرا سندس اڳيان اچن ٿا ۽ نيٺ پنهنجي دوست قربان سان گڏجي ڪنهن ننڍي نوڪري جي تلاش ۾ نڪري ٿو.

معاشي پسماندگيءَ جو اهم سبب اهو آهي تہ ماڻهو ننڍي نوڪري ڪرڻ کان عار ڪندا آهن. جيتوڻيڪ اِها سوچ وڌيڪ بيروزگاري کي جنم ڏئي ٿي. بيروگاري جو هڪ هيءُ سبب بہ آهي، نوڪرين ۾ ذهين ۽ با صلاحيت نوجوانن جي جاءِ تي پيسن عيوض ۽ سفارشي ماڻهو اچن ٿا جنهن سان معاشري جي فلاح ۽ ترقي کي ڪاپاري ڌڪ لڳي ٿو.هن مسئلي تي تقريباً ٿورو يا گهڻو سنڌي ڊرامانگارن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ مختلف ڊرامن ۾ لکندا رهيا آهن.

## 5. اُڌام:

طارق عالم جي ڊرامن جي موضوعن ۾ سنڌ جي شهري زندگي جي عڪاسي وڌيڪ ڪيل آهي، جن جا ڪردار پڙهيل لکيل، سلجهيل آهن. اهڙوئي ڪردار هن ڊرامي ۾ احسان جو آهي، هن ڊرامي ۾ هڪ پڙهيل لکيل، سلجهيل نوجوان ”احسان“ جا جذبات ۽ احساس، شامل آهن. هي ڪو ڊاڪٽر يا انجنيئر نہ آهي بلڪ هڪ ايماندار چترڪار آهي، جيڪو وقت جي تقاضا تي پورو نٿو لهي سگهي، ”عذرا“ کيس پيار تي ڪري ۽ شادي تي ڪرڻ چاهي، جڏهن تہ هن نوجوان پنهنجي ارد گرد شادي شده جوڙن کي پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن نہ ڏسي، سندن خواهشن ۽ سندن اولاد جي خواهشن کي ٽياس تي تنگيل ڏسي. فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي محبت کي ان ناڪامي جو شڪار ٿيڻ کان بچائي پنهنجي اڌوري محبت کي ترجيح ڏئي ٿو.

طارق عالم لکي ٿو تہ:

”احسان: ها مان بُزدل آهيان... ڇو تہ مان جيئرا احساس رکندڙ آهيان... اهڙي شادي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو، جنهن ۾ ماڻهو پيار ڪرڻ بجاءِ هڪ ٻئي جو مان ٽوڙڻ لڳن.

جنهن ۾ مرد پنهنجي زال کي، هڪ معمولي بلش آن وٽي ڏيڻ کان قاصر هجي، جنهن ۾ پيار اڻ کٽ ڪامپليڪسز ڪٽي جيئي.“ (طارق: 119,2015 )

طارق عالم جي ڊرامن ۾ ڪردارن جي جنگ، سماج سان نہ بلڪ سندن جنگ پنهنجي پاڻ سان آهي، جيڪي مجبوريون سندن ذات سان واسطو رکندڙ آهن، هو انهن مجبورين مان پنهنجي پاڻ کي ڇڏائي نٿو سگهي.

## 6. پولار:

طارق عالم جي هن ڊرامي ۾، خوشبو ماڊل گرل ۽ طاهر فوٽو گرافر، خوشبو سان محبت ٿو ڪري. ۽ روشني طاهر سان محبت ٿي ڪري. طاهر روشني کي ٻڌائي ٿو تہ آئون خوشبو سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان، طاهر ڪيس شادي لاءِ پرپوز ڪري ٿو خوشبو مسلسل انڪار ڪندي رهي ٿي، ڇاڪاڻ ہوءَ ڪينسر جي مريض آهي، هڪ ڏينهن طاهر خوشبو جي موت جي خبر ٻڌي ٿو ۽ خوشبو ڏانهن ويندي سندس بائيڪ جي ايڪسيڊنٽ تي ڊرامي جي پڇاڙي ٿئي ٿي. ڊرامي جي ڪهاڻي البتہ سادي سودي آهي پر طاهر جي ڪردار نگاري بهترين ٿيل آهي

طارق عالم هن ڊرامي ۾لکي ٿو تہ:

”روشني مان ڪلين بولڊ ٿي ويو آهيان، خوشبوءَ هٿان..... هن سان منهنجي مسلسل ميرج جي ڪوشش ناڪام وئي آهي، مونکي هاڻ محسوس ٿيڻ لڳو آهي، ڇڻ مان آهستي آهستي ٽڪجندو پيو وڃان مونکي سهارو گهرجي، طاهر کي ..... جنهن هميشہ ٻين جو سهارو بڻجڻ پئي چاهيو آهي.“ (طارق: 163,2015)

طارق عالم کي ڪردار نگاري جي ڏات مليل آهي، هو جڏهن بہ جنهن ڪردار جي چونڊ ڪري ٿو تہ ان جي ڪردار نگاري اهڙي نموني ڪري ٿو جيڪا سماج ۾ فطري محسوس ٿئي ٿي. جنهن ڪري سندس ڊراما ڪامياب وڃن ٿا.

طبقاتي فرق، اسان جي سنڌي سماج کي کائي ويو آهي، هن مسئلي جي ڪري ڪيتريون زندگيون تباهہ ۽ ڪيتريون جانيون ضايع ٿيو وڃن. طبقاتي فرق مان ٻيا بہ ڪيترائي سنگين مسئلا جنم وٺن ٿا. طارق عالم ’سچ لهڻ کان اڳ‘ ڊرامي ۾ طبقاتي فرق جي مسئلي کي وائکو ڪيو آهي.

## 7. سچ لهڻ ڪان اڳ:

ڊرامي جي پلاٽ ۾ طبقاتي فرق شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي رهڻي ڪهڻي، اميري ۽ غريبي، هاءِ ڪلاس ۽ لوئر ڪلاس جي وچ ۾ ڦرندڙ گهرندڙ زندگين ۽ خاص ڪري ننڍپڻ جي ٿيل رشتن ۽ ان جو جواني تي پوندڙ اثر جهڙن مسئلن کي پيش ڪيو اٿس. سندس ٻين ڊرامن جيان هن ڊرامي جو موضوع به محبت ۾ قرباني واري جذبي جي پهلو جي عڪاسي ڪري ٿو.

ڊرامي ۾ صبا هڪ اميرزادي آهي ۽ مشتاق هڪ غريب شاعر شمس واڍي جو پٽ، صبا مشتاق کي پسند ڪرڻ لڳي ٿي، ان ڪري هن تي مهربان رهي ٿي ۽ مشتاق جي شاعري انگلش ۾ ٽرانسليٽ ڪرائي مارڪيٽ ۾ ڪتاب آڻي ٿي ۽ ڪيس ملڪ جي نالي وارن شاعرن جي لسٽ ۾ شامل ڪرائي ٿي. جنهن سان هڪ گمنام شاعر کي سڃاڻپ ملي ٿي، پر آخرڪار هڪ ڏينهن صبا کي خبر پوي ٿي ته مشتاق جي گونگي ۽ ٻوڙي مڱ سياڻپ وينل آهي، صبا دل شڪسته ٿي، هميشه هميشه لاءِ ملڪ ڇڏي هلي وڃي ٿي، ۽ مشتاق وٽ فقط صبا جو يادون وڃي بچن ٿيون.

ڊرامي ۾ طارق عالم، صبا ۽ مشتاق جي ڪردارن جي گفتگوءَ ۾ لکي ٿو ته:

”صبا: هي تنهنجو اسلام آباد جو ايئر ٽڪيٽ آهي، اُتي ٽينڊڙ ماڊرن پوئيٽس جو سٽن ڏينهن جو ورڪشاپ جو انويٽيشن.... سياٽي آرلي مارننگ تنهنجي فلائيٽ آهي...... تون نه فقط شاعر آهين پر گهڻن معتبر شاعرن کان وڏو شاعر آهين.“ (طارق:2015:215)

اڳتي لکي ٿو ته:

”صبا: آنٽي هي اوهانجي ڌيءَ آهي، ها امان مشتاق جي مڱ آهي، مڱ! پر مشتاق ته ڪڏهن اهڙي ڳالهه نه ڪئي آهي مونسان. نالو ڇا آهي اوهان جو؟ مشتاق: اوهان جي اطلاع لاءِ عرض ته هيءَ گونگي آهي. صبا: اونو!! مشتاق تنهنجي فيانسي ايڏي خوبصورت ۽ گونگي؟ آن بليوِ ايبل!.“ (طارق:2015:216)

سندس ڊراما وقت جي تقاضاعن مطابق لکيل آهن. پاڻ سنڌي سماج کي جيئن ڏٺو اٿس تيئن پيش ڪيو اٿس. روايتي طرز جي لکيل ڊرامن کان هٽي ڪري، پنهنجي ڊرامن ۾ جديد زماني جي مسئلن جي عڪاسي ڪئي اٿس.

**نتيجو:** طارق عالم هڪ بهترين ۽ ڪامياب ڊراما نگار هو سندس ڊراما عوام ۾ مقبول ٿيا، پاڻ سنڌي سماج جي ڊرامن ذريعي اصلاح ڪئي آهي. طارق عالم جي ڊرامن مان

اهو نتيجو نڪري ٿو تہ سندس ڊراما سنڌ اندر موجود شهري جي سماجي حالتن جو آئينو آهن، جن ۾ بيروگاري ۽ طبقہ سوچ جو موضوع وڌيڪ ملي ٿو سندس ڊرامن ۾ سماجي مسئلا ۽ انهن مان ٿيندڙ نقصان ۽ انهن جو حل بہ موجود آهي، طارق عالم جي هر ڊرامي ۾ ڪو نہ ڪو پيغام موجود آهي ۽ سندس اڪثر ڊرامن ۾، پيار ۽ محبت جو عنصر وڌيڪ رهيو آهي، جيتوڻيڪ ان جي پوپان بہ ڪو خاص مقصد يا ڪو خاص پيغام ضرور رکيل آهي. سندس اڪثر تحريرون، سماج جي مختلف رُخن کي ظاهر ٿيون ڪن. طارق عالم جو هر ڊرامو سنجيده ۽ ڪنهن گهري سوچ ۾ لکيل آهي.

## حوالا:


1. غلام علي الانا: 2012ع، "سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو"، ص 28، ڪينجهر جرنل شمارو 15، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
2. عبدالقادر جوڻيجو: 2015ع، "چنڊ رهين ٿو دور"، مهاڳ ص 10، امرتا پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ.
3. مختيار احمد ملاح: 2012ع، "سنڌي ڊرامي جي مختصر تاريخ" ص 298، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.
4. ايضاً، ص 298.
5. طارق عالم ابڙو: 2015ع، "چنڊ رهين ٿو دور"، ص 481، امرتا پبليڪيشن حيدر آباد سنڌ.
6. ايضاً، ص 41.
7. ايضاً، ص 41.
8. ايضاً، ص 63.
9. ايضاً، ص 487.
10. ايضاً، ص 88،89.
11. ايضاً، ص 119.
12. 1يضاً، ص 163.
13. ايضاً، ص 215.
14. ايضاً، ص 216.